SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1975

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1975

سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) آرڊيننس، 1975

THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 1 جي ترميم
Amendment of section 1 of Sindh Ordinance XVI of 1970
3. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI ۾ دفعات 14_A ۽ 14_B جي شموليت
Insertion of sections 14_A and 14_B in Sindh Ordinance XVI of 1970

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1975

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1975

سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) آرڊيننس، 1975

THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1975

[16 سيپٽمبر 1975]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس، 1970 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس، 1970 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي جيئن ته صوبائي اسيمبلي سنڌ جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ فوري طور قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت سونپيل اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ حڪومت هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل

شروعات
Short title and commencement

ايجوڪيشن (ترميم) آرڊيننس، 1975 سڏيو ويندو.
(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 1 جي ترميم
Amendment of section 1 of Sindh Ordinance XVI of 1970

2. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس، 1970 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 1 ۾، هيٺين ذيلي دفعہ (3) شامل ڪئي ويندي:
"(3)اهو وقتي طور لاڳو ڪنهن بہ قانون تحت ڪنهن سسٽم موجب اپيرنٽس شپ ذريعي تربيت ڪندڙ ڪنهن شخص تي لاڳو نہ ٿيندو."

1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI ۾ دفعات 14_A ۽ 14_B جي شموليت
Insertion of sections 14_A and 14_B in Sindh Ordinance XVI of 1970

3.ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 14 کانپوءِ، هيٺيون دفعات 14_A ۽ 14_B شامل ڪيون ويندیون:

ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ تي پابندي

14_A. ڪو بہ شخص جيستائين حڪومت طرفان بااختيار نہ ٻڌايو وڃي، ڪا ڊپلوما يا دفعہ 14 تحت بورڊ طرفان جوڙيل تدريس جي عام اسڪيم ۾ شامل ووڪيشنل، ٽيڪنيڪل يا ڪمرشل مضمونن ۾ سرٽيفڪيٽ جاري نہ ڪندو.

ڏوهہ جي سزا ۽ ازالو

وضاحت: "هن دفعہ ۾ شخص ۾ شامل هوندو ڪو بادي ڪارپوريٽ يا ٻي بادي، تنظيم يا ادارو.
14_B.(1)جيڪو بہ هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش، يا ضابطن، يا ان سلسلي ۾ قاعدن جي پيڪڙي

ڪري ٿو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڈ جيڪو پنجاهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2) جيڪڏهن هن آرڊيننس يا ضابطن يا ان سلسلي ۾ قاعدن جي پيڪڙي ڪئي وڃي:

(a) هڪ باڊي ڪارپوريٽ، هر هڪ ڊائريڪٽر، مئنيجر، سيڪريٽري يا ٻئي عملدار يا ان سلسلي ۾ ايجنٽ طرفان؛ يا

(b) ٻي باڊي، تنظيم يا ادارو، هر ميمبر يا ان سلسلي ۾ پائيوار، يا مئنيجر يا اهڙي باڊي، تنظيم يا ادارو هلائيندڙ مک عملدار طرفان

ڪئي وڃي، جيستائين اهو ثابت ٿئي تہ اهڙي پيڪڙي بنا سندس ڄاڻ جي ٿي آهي يا هن اهڙي پيڪڙي روڪڻ کان ڄاڻايل نااهلي ڪئي آهي، اهو اهڙي پيڪڙي جو جوابدار سمجهيو ويندو.

(3) ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪيل ڏوهہ تي ڪارروائي جو دائره اختيار نہ هوندو، سواءِ جيستائين اهڙي ڪيل ڏوهہ بابت چيئرمين يا سندس طرفان بااختيار ڪٽايل ڪنهن ٻئي شخص طرفان لکت ۾ رپورٽ نہ ڪئي وڃي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.